SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1981

SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1981

سنڌ سول ڪورٽس (ٻئين ترميم) آرڊيننس، 1981

THE SIND CIVIL COURTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريه 1962 جي دفعه 7 ۾ ترميم

Amendment of Section 7 of West Pakistan Ordinance II of 1962

3. مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريه 1962 جي دفعه18 ۾ ترميم

Amendment of Section 18 of West Pakistan Ordinance II of 1962

4. سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1981 جي دفعه جو خاتمو

Omission of Section 4 of Sindh Ordinance VI Of 1981

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ 1981
SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1981
سنڌ سول ڪورٽس (ٻئين ترميم) آرڊيننس، 1981
THE SIND CIVIL COURTS (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[9 آگسٽ1981]

آرڊيننس، جنهن سان سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ۽ سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس 1981 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۽ سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس 1981 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سول ڪورٽس (ٻئين ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريہ 1962 جي دفعہ 7 ۾ ترميم
Amendment of section 7 of West

2. سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 جنهن کي هن کانپوءِ ۾ آرڊيننس سڏيو ويندو، هن جي دفعہ 7 ۾ فل اسٽاپ جي جاءِ تي ڪولن ڏنو ويندو ۽ هيٺين پرووِيزو جو اضافو ڪيو ويندو.

"سنڌ سول ڪورٽس ترميم آرڊيننس 1981 جي لاڳو ٿيڻ

Pakistan Ordinance II of 1962

کان اڳ ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ ٻڌڻيءَ هيٺ سمورا اصل ڪيس ۽ ڪارروائيون جنهن جو ملهه هڪ لک کان ٽپي وڃي، ان کي هاءِ ڪورٽ پاران اڪلايو ويندو. سواءِ انهن ڪيسن ۽ ڪارروائين جي جيڪو ڄاڻايل مٿي ترميم جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ ڊسٽرڪٽ جج ڪراچي جي عدالت ۾ پيش ڪيا ويا جيڪو پهريان ئي هن ڪورٽ پاران طئي ڪيو ويو آهي. "

مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريه 1962 جي دفعه18 ۾ ترميم
Amendment of section 18 of West Pakistan Ordinance II of 1962

3. هن آرڊيننس جي دفعو 18 جي ذيل دفعه (1) جي شق (a) ۾ "25 هزار روپيه" جي جاءِ تي "50 هزار روپيه" کي متبادل بڻايو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1981 جي دفعه کي ختم ڪيو ويندو
Omission of section 4 of Sindh Ordinance VI Of 1981

4. سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1981 جي دفعه 4 کي ختم ڪيو ويندو.

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.